# ٻارن لاءِ آکاڻيون

(تصويرن سان)

# Baaran Lai Aakhaaniyun

## سنڌي چوٿين درجي لاءِ رئپڊ ريڊر

لکندڙ:

نارائڻداس ديوارام ڀمڀاڻي،

ايم. اي.

ڇاپو پهريون ] سنه ١٩٤٦ع [قيمت ٦ـ٥ـ٠

ملڻ جو هنڌ:- ايل - ڀڳوانداس، بوڪ سيلر،
شاهي بزار، حيدرآباد سنڌ.

Printed by Karamchand Nebhraj Dewani
at the Chandan Electric Printing Press. Market Hyd, Sind.
and published by
Prof. Naraindas M. Bhambhani, D. J. Sind College, Karachi.

# فهرست


| | صفحو |
|---|---|
| ١ـ ٻلائيءَ جا ٻارڙا | ٥ |
| ٢ـ ٻه دوست | ١٠ |
| ٣ـ يوسف جو گهوڙو | ١٦ |
| ٤ـ انعامي تصوير | ٢٤ |
| ٥ـ جاڙا ڀائر | ٣٠ |

# ديباچو

"ٻارن لاءِ آکاڻيون" سنڌي چوٿين درجي جي شاگردن لاءِ لکيو ويو آهي. ڪتاب ۾ پنج دلچسپ ۽ نصيحت واريون آکاڻيون ڏنيون ويون آهن جن جي پڙهڻ سان ٻارن کي نه رڳو وندر حاصل ٿيندي پر ڪجهه پرائيندا به.

نارائڻداس ميوارام ڀمڀاڻي.

١٠

# ڀلائيءَ جا پاڙا.

حسينا جڏهن اٺن سالن جي ڄمار جي هئي، تڏهن ڪنهن ڏينهن پنهنجي جاءِ جي اڱڻ ۾ ڏٺائين ته هڪڙو پکي ڪنڌ ۾ ڪريو پيو آهي. پکيءَ اڏامڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، پر ٿورو مس ٿي اڏاڻو ته وري اچي ٿي زمين تي ڪريو. حسينا پکيءَ جي ويجهو ويئي. ڏٺائين ته پکيءَ جي ساڄيءَ ٽنگ مان رت پئي وهي. ٻارن جون دليون پيار ۽ رحم جا چشما آهن ۽ حسينا کي زخميل پکيءَ تي ڪهل آئي ۽ کيس اُٺي کڻي سامهين مڪان ۾ ويئي، جتي پڻس جو دواخانو هو.

حسينا جو پيءُ علي بخش حڪيم هو. هن پکيءَ کي جاچي، ڌيءَ کي چيو، "پکيءَ جو هڪ پر زخميل آهي ۽ ساڄي ٽنگ ڀڳل اٿس."

حسينا کي ٻڪريءَ جي ڏک ۾ ڏکي ٿيندو ڏسي، علي بخش ٻڪريءَ جي ضربيل پير کي دوا لڳائي ۽ هن جي ڀڳل ٽنگ کي ڪاٺ جي پٽين ۾ قابو ڪري ٻڌائين. پوءِ حسينا ٿورا پراڻا ڪپڙا ڪٽي، انهن جي ٽوئي ڊاهي، ان تي ڪٽي ٻڪريءَ کي ويهاريو. حسينا جڏهن ٻاٽ کائيندي پيئندي هئي، تڏهن ٻڪريءَ کي ٻٽ کارائيندي ۽ پيئاريندي هئي.

ٻڪريءَ جي جو هر طرح سنڀال ٿيڻ لڳي، سو جلد چاق ٿيندو ويو. ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد ٻڪريءَ ڪمري ۾ ٿورو ٿورو اڏامڻ شروع ڪيو. ٻڪري ٿوري عرصي ۾ گهر جي ڀاتين سان چڱيءَ طرح هري ويو. علي بخش کي ٿورا جريب زمين جا ٻڻ هوا، جتي آبادي ٿيندي هيس. حسينا بعضي ٻڪريءَ کي ٻنيءَ تي وٺي ويندي هئي.

ٻڪري جڏهن بلڪل چاق ٿيو، تڏهن علي بخش ڌيءَ کي سڏي چيو، ”حسينا، هاڻي ٻڪريءَ کي ڇڏ ته وڃي پنهنجن ساٿين سان گهمي ڦري.

اسانجيون جايون کسان وڌيڪ هنکي ڪکن جي آکيرن ۽ باغن مان مزو ايندو."

حسينا ڪوٺيءَ جي دري کولي، پکيءَ کي اڏائي ڇڏيو، جو سٺي ۽ وڻندڙ لات لوندو هليو ويو.

ڪجهه ڏينهن گذري ويا پر حسينا ان پکيءَ کي نه ڏٺو. هڪڙي ڏينهن صبح جو جڏهن سيٺي نيرن پئي ڪئي، تڏهن اهو پکي دريءَ وٽ بيهي، چهنب سان شيشي تي ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳو. حسينا هنکي ٽورا مانيءَ جا ٽڪر آڻي ڏنا. پکي اهي کائي اڏامي ويو.

ان کانپوءِ پکي هر روز نيرن جي وقت ساڳيءَ دري وٽ اچي ويندو هو ۽ حسينا سندس لاءِ هميشه ماني رکي ڇڏيندي هئي. پر هيڪڙن ڏينهن ۾ پکي ڪڏهن به منجهند يا رات جو نه آيو.

هڪ دفعي منجهند جي وقت پکي دريءَ وٽ اچي ڏاڍي زور سان پنهنجي چهنب شيشي

کي هڻڻ لڳو. نه رڳو ائين پر هر هر جوش مان ٽپا ڏيڻ پيو ڏئي.

حسينا: هيءُ نيرن جو وقت نه ڪونهي. مون تنهنجي لاءِ ڪجهه ڪونه رکيو آهي.

پر پکي اڃا به دريءَ تي ڪڙڪا ڪندو رهيو. حسينا کي ڊپ اچي ٿيو ته چهنب نه زخمي وجهي. تنهنڪري دري کولي، ڪجهه ٻاجهيل جون جا ٽڪرا پکيءَ کي کائڻ لاءِ ڏنائين. پر پکي کائڻ جي ئي نه ڪري. مور ڳو اڳي کان وڌيڪ زور سان آواز ڪرڻ لڳو ۽ ڪيترا ڀيرا لاڳيتو دريءَ تان اٿي ٻاهر اڏامي پيو وڃي ۽ وري واپس پيو موٽي.

علي بخش هيءُ حال ڏسي چيو، ”پکيءَ جي شايد مرضي ٿي ڏسجي ته اسين سندس پٺيان هلون.“

ائين چئي ٻاڻ ۽ حسينا پکيءَ جي پٺيان ويا. پکي ٻنيءَ طرف اڏامندو هليو. ٻنيءَ تي پهچي ڏٺائون ته سڪل گاهه کي باهه لڳي رهي آهي ۽ اها آهستي آهستي آن جي گدام ڏانهن

پکڙبي پيئي وئي. گدام کي چوڌارين ۽ ڪاٺ جي ڇتين جي ڇت هئي جنهن کي باهه سولائيءَ سان وچڙي وئي ها.

علي بخش پسگردائيءَ مان ماڻهن کي ڪوٺيو. سندس ڪڙمي جي ڀرسان ڪٿي هوا سي ڀڄ ڊوڙندا آيا. سيئي پاڻيءَ جا ڏول ڀري باهه وسائڻ کي لڳي ويا. سڪل گاهه سمورو ڀسم ٿي ويو. پر باهه کي پکڙجڻ کان روڪيو ويو. علي بخش پکيءَ جا شڪرانا مڃيا جنهن جي عقل ۽ وقتائتي اطلاع ڪري سندس اَن جو گدام بچي ويو، نه ته اڪيچار نقصان رسيس ها.

حسينا: ابا، پکي اسانکي ڪيتري نه ڪم آيو!

علي بخش: حسينا، جيڪو ٻئي سان ڀلائي ڪريٿو، تنهنکي ڏٺي ان ڀلائيءَ جو اجورو ڏياري ٿو. چڱائي ڪنهن جي به اجائي نه ٿي وڃي. اسان بيماريءَ ۾ پکيءَ جي پرگهور لڌي ۽ هن اسانکي سڙڻ جي نقصان کان بچايو. پکي به ڪنهن جو ٿورو نه ٿا وسارين.

٢.

## ٻه دوست.

گلاب ۽ موتي ساڳيو درجو پڙهندا هوا. گلاب اسڪول ۾ هميشه ديرسان ويندو هو ۽ روز ڪانئس ڪا سزا ملندي هيس. اسڪول جي سيني شاگردن ۽ ماسترن کي اها ڄاڻ هئي ته هو ڪڏهن به پوري وقت تي نه ايندو آهي. موتي پنهنجي دوست جي ابتڙ هو ۽ جڏهن کان وٺي اسڪول ۾ داخل ٿيو هو، تڏهن کان وٺي هڪ دفعو به ديرسان نه ويو هو.

هڪڙي ڏينهن اسڪول ۾ گلاب پنهنجي دوست موتيءَ کان پڇيو، "موتي، ٻڌاءِ ته سهين، تون ڪيئن ٿو روز اسڪول ۾ برابر وقت تي پهچي سگهين؟ تو کان ڪڏهن ڪا ڳالهه وسري ڪانه وڃي جنهن جي ڪري پٺتي موٽڻو پوئيئي؟"

موٽي: موٽسان تہ ڪڏهن بہ ائين ڪونہ ٿيو آهي.

گلاب ويچارو، ٿڌو ساهہ کڻندو ڪلاس ۾ ويو. ڪيس ڪتاب مان ڪي سبق سزا طور لکڻ لاءِ مليا هوا، ڇاڪاڻ جو ان صبح جو پڻ هو اڌ ڪلاڪ دير سان آيو هو. گلاب جڏهن سبق لکي پورا ڪيا، تڏهن هڪ پڪو ارادو ڪيائين. هن پاڻکي چيو، "سڀاڻي مان اسڪول ۾ سويلڙي ويندس. ننڊ مان سوير اٿڻو پيو تہ پرواهہ نہ آهي. اڳتي مان پاڻکي ٻين شاگردن اڳيان شرمندو ٿيڻ نہ ڏيندس." جڏهن هو اسڪول مان گهر ڏي موٽيو، تڏهن سڄي واٽ ائين ئي پيو چيائين "سڀاڻي مان اسڪول ۾ سويلڙي ويندس."

گلاب اهو فيصلو ڪري رات جو وڃي سمهيو. صبح جو گهڙيال ڇهن جا ڌڪاءَ هنيا تہ گلاب بہ هڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو. جو سج اڀرئي اٿندو هو سو اڄ تارن ۾ اٿي کڙو ٿيو.

تيرن ڪري، ڪتابن جو ٿيلهو ڪڇ ۾ وجهي گلاب سويلي اسڪول لاءِ روانو ٿيو. مڪتب کان ٿورو پري هو ته موتي گڏيس. موتيءَ عجب وچان مشڪي پڇيس، ”گلاب، اڄ ڪيئن برابر وقت تي اچي پهتو آهين؟“


گلاب: اڄ مان سويل اٿيو هوس. هيءَ پهريون ئي دفعو آهي جو مان اسڪول ۾ پوري وقت تي ٿو هلان. سائين به اڄ مونتي ڏاڍو راضي ٿيندو.

موتي: ها، اڄ ئي هيترن ڏينهن ۾ تون سائينءَ جي مار نه کائيندين.

ٻئي ڄڻا هٿ هٿ ۾ ڏيئي مڪتب طرف وڃندا هليا. اڃا ڏهه ٻارهن قدم مس کنيائون ته موتيءَ چرڪ ڀري چيو ”مونکان ته ڏاڍي ڀل ٿي ويئي آهي!“

گلاب: ڳالهه ڪره ڇا آهي؟

موتي: مونکي پنهنجي موٽڻو پوندو. پساريءَ جي دڪان تي وڃڻو اٿم. منهنجي ننڍي ڀاءُ کي ڪن ۾ ڏاڍو سور آهي. اما پڇي تي هڪ دوا


S.B. Kulkarni

لکي ڏني آهي جا پساريءَ وٽان ملندي. اڄ پهريون ئي دفعو آهي جو مان اسڪول ۾ دير سان ايندس. سو به وري ان ڏينهن جڏهن تون برابر وقت تي وڃي رهيو آهين. سائين ڇا چوندو!

موتيءَ جڏهن پٺتي موٽڻ جي ڪئي، تڏهن گلاب کيس ٻانهن کان جهلي چيو، "موتي، مان ٿو تنهنجي بدران پٺتي موٽان. مونکي دوا وارو پنو ڏي، مان پساريءَ کان دوا وٺي تنهنجي ماءُ کي گهر پهچائي ايندس. اڄ بدران مان سڀاڻي کان ئي سوير اچڻ شروع ڪندس. ٻيو تون ڇا لاءِ پهرو پنهنجو نالو خراب ڪرين. پهريون دفعو دير سان وڃڻ ڪري تون ساري ڪلاس ۾ ٻالڪي لڄي سمجهندين."

موتيءَ کان دوا وارو پنو وٺي، کيس اسڪول ڏانهن موڪلي، گلاب پساريءَ جي دڪان ڏي ويو.

موتيءَ جي ماءُ کي دوا پهچائي، گلاب جڏهن سهڪندو سهڪندو اسڪول ۾ آيو، تڏهن سندس استاد غصي ۾ ٿي چيو، "گلاب،

توهان وري به دير سان آيو آهين؟ اڄ توکي ڪا
ڳري سزا ڏيڻ کپي. مان تنهنجي مائٽن کي
پڻ اهڙو اطلاع موڪليانٿو."

گلاب ڏڪڻ لڳو. ڪهڙو جواب ڏئي! ڊپ
ٿيس ته پڻس کي جي اها خبر پيئي ته هو ڏاڍي
تنبيهه ڪندس. گلاب جون اکيون موتيءَ ۾
هيون. موتيءَ اٿي چيو "سائين، گلاب جي اڄ
دير سان اچڻ لاءِ مان جوابدار آهيان. اها منهنجي
ڀل آهي." ائين چئي موتيءَ ساري ڳالهه استاد
کي ڪري ٻڌائي. سڄو ڪلاس گلاب طرف
نهارڻ لڳو. موتيءَ جڏهن ڳالهائي بس ڪيو، تڏهن
استاد گلاب ڏي نهاري چيو، "گلاب، وڃي
پنهنجيءَ جاءِ تي ويهه. اڄ مان توکي ڪجهه به نه
ٿو چوان. شاباس اٿيئي جو سنگتيءَ جي عزت
بچائڻ لاءِ تو ٻاڙڪي ڏنو ڪيو، پر اڳتي هميشه
سوير ايندو ڪجانءِ."

ان ڏينهن کان گلاب هر روز موتيءَ سان گڏ
اسڪول ۾ سوير ايندو هو ۽ ٻئي اڳي کان به
وڌيڪ گهاٽا دوست ٿي پيا.

٣.

# يوسف جو گهوڙو.

غلام رسول وڏو ۽ پيسي وارو زميندار هو. ڏڻيءَ جي مهربانيءَ سان هن وٽ مال متاع جي ڪمي ڪانه هئي. باقي اولاد جو سڪايل هو. آخر پنجيتاليهن ورهين جي ڄمار ۾ هن کي هڪ فرزند ڄائو، جنهن جو نالو يوسف رکيائين. سڪيلڌو ٻار گهر ۾ سڀني جو لاڏلو ٿيندو آهي؛ يوسف جيڪي به طلبيندو هو، سو ملندو هوس.

زميندار ٻئي ڏينهن صبح جو گهوڙي تي سوار ٿي ٻنيءَ تي واءُ سُڌاءُ لهڻ ويندو هو. پيءُ کي گهوڙي تي چڙهندو ڏسي، يوسف چاهيندو هو ته مان به جيڪر گهوڙي جي سواري ڪريان. ڪڏهن ته زميندار جي چوڻ تي پيادي يوسف کي گهر جي ٻاهران گهوڙي تي چڪر ڏياريندو هو.

يوسف ٻڌن جو چانڊو ۽ دل جو دلبر هوندو هو. هو جڏهن ٻارهن ورهين جو ٿيو، تڏهن غلام رسول جو فصل هميشه کان پلو ٿيو ۽ ڪمائي ٻه جهجهي ٿيس. دل ۾ آيس ته يوسف کي ڪا سوکڙي وٺي ڏيان. خبر هيس ته يوسف کي گهوڙي سواريءَ لاءِ شوق آهي، سو هڪ سهڻو ۽ ننڍو گهوڙو وٺي آيو. زميندار گهر ۾ گهڙي چيو، "يوسف، مون تنهنجي لاءِ هڪ قيمتي چيز آندي آهي، توکي نهايت وڻندي."

ان وقت يوسف ويٺي ٻارن جي آکاڻين وارو ڪتاب پڙهيو. اماڪ ڪتاب ڇڏي ڪري، پڇيائين، "ڪٿي آهي؟"

زميندار: اوطاق ۾ هلي ڏس. هڪ ڇڙنڊڙ پرنڊڙ شيءِ آندي ٿي مانءِ. يوسف کي خيال ۾ ئي ڪونه آيو ته ڇا هوندو، پر جڏهن ڪاري رنگ جي گهوڙي تي نظر پيس، ته ڪپڙن ۾ ئي نه پيو ماپي. ڏاڍو گد گد ٿيو.

يوسف: ابا، گهوڙو نه سهڻو آهي! ڪٿان آندو؟

زميندار: هڪڙي غريب ڪڙميءَ کان ڳنهي آيس. ڪڙميءَ کي هڪڙو پٽ آهي جو عمر ۾ توکان سال ٻه وڏو ٿيندو ۽ اهو ان گهوڙي تي چڙهي گهمندو هو. پر ڪڙميءَ کي شايد پيسي جي گهرج هئي، جنهن ڪري کڻي وڪيائين.

يوسف کي جانور ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي، پر ساڳئي وقت اهو خيال پڻ آيس ته سندس خوشي ڪڙميءَ جي پٽ جي غمي هوندي ۽ هن غريب جي ڏک ۾ هن شاهوڪار لاءِ سرهائي. محسوس ڪيائين ته ڪڙميءَ جي پٽ اهو ڏينهن ضرور غمگينيءَ ۾ گذاريو هوندو.

ٻئي ڏينهن تي غلام رسول يوسف کي گهوڙي تي چڙهڻ ٿي سيکاريو، پر اهو اهڙو سولو نه هو جهڙو يوسف يا زميندار سمجهي ويٺا هوا. جيتوڻيڪ يوسف گهوڙي جي ڏاڍي خاطرداري پڻ ڪئي، ته به ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيو ته گهوڙي کي پنهنجو نئون مالڪ پسند نه هو ۽ هن يوسف کي پنهنجي پٺيءَ تي چاڙهڻ نه ٿي چاهيو.

يوسف جي پيءُ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، مگر گهوڙو زور سان هٽڪار ڪري مستيءَ ۾ اُن ٽپا ڏيڻ لڳو. اهڙي مستيءَ سان ڀريل جانور تي يوسف کي چاڙهڻ خوف کان خالي نه هو. ممڪن هو ته زخمجي پوي. ان ڪري ان ڏينهن ڪيس گهوڙي تي سواريءَ ڪرائڻ جو خيال لاٿو ويو.

زميندار: مونکي سمجهه ۾ ئي نه ٿو اچي ته گهوڙو ڇو ٿو هيڏي مستي ڪري. ڪڙميءَ ٿي چيو ته هيءُ گهوڙو بلڪل نرم آهي ۽ مٿس چڙهڻ ۾ ڪابه مشڪلات ڪانه ٿيندي، پر هيءُ ته خوفناڪ پيو لڳي. ههڙي جانور تي چڙهڻ جيءَ جو جوکو کڻڻو آهي.

پيءُ کي مشڪل ڏسي، يوسف مايوسيءَ مان چيو، "ابا، مان شايد ڪيس نه ٿو وٺان."

ٻئي ڏينهن غلام رسول ڪم سان ٻاهر ويو، جنهن ڪري يوسف اڪيلي سر گهوڙي تي چڙهڻ جي ڪوشش نه ڪئي؛ هو صرف ان کي ڏسڻ لاءِ لائيءَ ۾ ويو؛ پر سندس عجب جي حد نه رهي، جڏهن ڏٺائين ته گهوڙو هوئي ڪونه.

يوسف جو منهن لهي ويو. گهوڙي جي ڪر ٽي
وڃڻ جو خيال ٽي ڪيائين ته دل ننڍي ٿي
ٿي ويس. سندس اکيون پاڻيءَ سان ڀرجي آيون
۽ هو ڪجهه وقت ته لاڏيءَ جي ڏر وٽ هيٺ
زمين تي ويهي رهيو. جڏهن ته لاڏيءَ جو ڏر
بند ئي پيو هو، تنهنڪري يوسف سمجهيو ته شايد
اوڙهو ٽپي ڀڄي ويو هجي. ماڻڪي پڊائڙ لاءِ گهر ته
ڪو نه ويو. خيال ڪيائين ته سڌو وڃي پوليس
ٿاڻي تي فرياد ڏيان، متان ڪو گهوڙي کي چورائي
ويو هجي. گوٺ کان ٿورو ٻاهر ان ڪڙميءَ
جي جهوپڙي هئي. يوسف جان اُتان لنگهي ته
ڏسي ته سندس گهوڙو جهوپڙيءَ وٽ بيٺو آهي.
گهوڙي جي ڀرسان هڪ ڇوڪرو، ان ڪڙميءَ جو
پٽ، ڏٺائين، جنهنجون ٻانهون گهوڙي جي ڳچيءَ
۾ پيل هيون.

يوسف سڌو گهوڙي ڏانهن ويو ۽ ڇوڪري
کي چيائين، "تون منهنجو گهوڙو ڇو ڀڄائي آيو
آهين؟ ابو منهنجي لاءِ خريد ڪري آيو هو."
ڪڙميءَ جو پٽ: مان ڪو نه وٺي آيو


S.B. Kulkarni

آهيانس. گهوڙو پاڻمراد وڌي آيو آهي. مان کيس سڀ کان وڌيڪ ٿو وڻان. مون وٽ ڪيترا سال رهيو آهي، پر مان سمجهان ٿو ته هميشه هو تنهنجو ئي آهي.

يوسف: تنهنجي پيءُ ته انکي وکڻي ڇڏيو.

ڪرميءَ جو پٽ: برابر، هن گهوڙو وکيو، ڇاڪاڻ ته کيس پئسي جي سخت ضرورت هئي، ۽ پئسن هٿ ڪرڻ جو ٻيو ڪو به وسيلو ڪو نه ٿي سمجهيو. اسين غريب ماڻهو آهيون، توهين پئسي وارا آهيو. غريبن کي ته هميشه شاهوڪارن جي محتاجي ڪرڻي پوي ٿي. ابي لاچاريءَ کان اهو گهوڙو وکيو. اڄ اسانکي سالن جي وڇايل رقم ملي آهي ۽ مرضي اٿئون ته اهو گهوڙو خريد ڪريون، پر هميشه تون انجو مالڪ آهين.

يوسف: مونکي گهوڙو ڏاڍو وڻيو! مان توکي ڪيئن ڏيندس؟

ڪرميءَ جو پٽ: ڀلا مونکي به کڻي خريد ڪر. تنهنجو پيءُ تہ پيسي وارو آهي. مان پنهنجو تنهنجو گهوڙو سنڀاليندس ۽ گهوڙي سان هميشه

گڏ هوندس.

اهي اکر ٻڌي يوسف وائڙو ٿي ويو. خبر پئس ته ڪڙميءَ جي پٽ جو گهوڙي سان ڪيترو نه پيار هو. اُتي ڪڙميءَ جو ڀري ڪان پنهنجي چوڪري کي ڪنهن شاهوڪار جي پٽ سان ڳالهائيندو ڏٺو، سو اچي اتي لڪو. يوسف ڪڙميءَ کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي ۽ پنهس واريءَ ٻوٽيءَ آچ جو ٻه ڏڪر ڪيائين. ڪڙميءَ پٽ کي پاڪر ۾ جهلي چيو، ”پٽ ڏاڍو لمر اسا ٿي. غريبن کي دنيا ۾ اهي لوڏا ته سهڻا پوندا آهن.“

پوءِ جا اهي اکر ٻڌي، چوڪر کي رُڃ اچي ويو، جنهن ٿي يوسف چيو، ”ادا، هيءَ گهوڙو توَن ڪرڻ. مونوٽ ٻه رهي ته ڪونه ڏيو. مان ابي کي چوندس ته مونکي ٻيو وٺي ڏئي.“

يوسف جڏهن گهوڙي کان موڪلائي گهر ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن ڪڙميءَ جو پٽ بيشڪ سرهو ٿي لڳو. يوسف کي پڻس ٻيو ٻيو گهوڙو وٺي ڏنو.

# انعامي تصوير.

گوپي هڪ سمجهو ۽ هوشيار ڇوڪري هئي. هر سال مڪتب ۾ شڪلين ڪڍڻ جي چٽاڀيٽي ٿيندي هئي، جنهن ۾ ٻين شاگردن جيان گوپي به بهرو وٺندي هئي.

هن ڀيري ڏاڏيءَ جڏهن مڪتب جي شاگردن کي ٻڌايو ته مون سٺيءَ ۾ سٺيءَ تصوير لاءِ انعام رکيو آهي، تڏهن هنن ۾ ڏاڍي ڇڙ ٻڙ شروع ٿي ۽ هو هڪ ٻئي ۾ سس پس ڪرڻ لڳا.

ڏاڏي: سڀ تصويرون مونکي هن مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنيون وڃن، پوءِ مان انهن مان سٺي ۾ سٺي چونڊينديس.

ٻئي ڏينهن ڪالوڻي سڀيئي شاگرد پنا ۽ پينسلون کڻي مورتن ڪڍڻ کي لڳي ويا. گهر ۾ به پيا ڪوششون ڪن ته ڪلاس ۾ بہ

جيڪا فرصت پيئي ملين ان ۾ مورتن کي لاهڻ جي پيا ڪن. گهڻي وقت ملڻ ڪري، ڪي شاگرد ته هڪڙي تصوير ڏاهي وري ٻي پيا ڪڍن. اسڪول جو هرڪو ٻار چتاڻيءَ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ڏسڻ ۾ آيو. سڀني شاگردن جون اکيون رتن، گوپيءَ ۽ رام ۾ هيون. هو ٽيئي مورتن ڪڍڻ جي هنر ۾ هوشيار ليکيا هوا.

رتن جانورن جون تصويرون ڪڍيون. هڪ مورت جنهن ۾ ڪتو در جي چانئٺ وٽ سمهيل ڏيکاريل هو سا تمام قابليت سان نڪتل هئي. رام جهنگي قدرتي نظارن چٽڻ جو چاهه هو، تنهن باغن ۽ وهندڙ نهرن جون مورتون ڪڍيون. گوپيءَ اڇا ڪارا تصوير ڪاڙ چٽي هئي ۽ سڀني ساهيڙين کي ٻڌي چوندي هئي ته اڃا وقت پيو آهي.

نيٺ هڪ واقعو ٿيو جنهن شاگردن جي دلين کي چوٽ رسائي. هو هميشه چتاڻيءَ ۾ ڪوبه چاهه نه وٺڻ لڳا. ڳالهه هن ريت هئي: اسڪول جي

وڏيءَ ڏاڏيءَ جي ٽالي واري سوني منڊي کي ڪم ڏي ويئي هئي، جا پوءِ هيرل پاڙيواريءَ جي گهران، سندس پيرت واريءَ پيٽيءَ مان لڌي ويئي. هيرل کي چوريءَ جي تهمت هيٺ نوڪريءَ کان جواب ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. مهيني جي آخر ۾ هنکي اسڪول ڇڏڻو هو ۽ اهڙو اطلاع کيس پڻ مليو.

هيرل کي اسڪول ۾ نوڪريءَ ڪئي ڪيترائي سال ٿيا هوا ۽ ڪڏهن به هن لاءِ ڪنهن ڏانهن ڪالر ڪئي هئي. هرڪو هنکي ايماندار سمجهندو هو. اسڪول جي شاگردن جي ساڻس دل هئي. سڀ کيس ڏاڍو ڀائيندا هوا. ڪيترا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ته گهران ٿول ۽ مٺايون آڻي ڏيندا هيس. هيرل کي پنهنجو ٻار ڪونہ هو، جنهنڪري اسڪول جي ٻارن کي هو پنهنجا ڪري سمجهندي هئي. هيرل جي اسڪول ڇڏڻ جي خبر پوڻ بعد ڪيترائي ٻار وٽس ويا.

ڪوئي: هيرل، تون خيال نه ڪر. اسانکي پڪ آهي ته تو چوري ڪانہ ڪئي آهي.

سڀيئي ٻار گڏجي چوڻ لڳا: ها، ها، تو منڊي ڪانهن چورائي آهي. اسين ته داديءَ کي ڇڏيون تون مات ڪري ويهه.

ٻارن هيرل جي دل برابر ورتي، پر انهيءَ هوءَ سرهي نظر ڪانه آئي.

هيرل ٻارن ڏي نهاري چيو: مون چوري ڪانه ڪئي آهي. مان چئي نه ٿي سگهان ته اها منڊي ڪيئن منهنجيءَ ٻرت واريءَ پنڊيءَ ۾ اچي پهتي.

هيرل جي نوڪريءَ پوري ٿيڻ ۾ باقي ٿي ڏينهن هوا. ٻين سڀني ٻارن پنهنجون نڪيل مورتون ڏنيون هيون. گوپيءَ کي اچا تصوير ڏيڻي هئي. داديءَ شاگردن کان بيت پي پڙهايو ته گوپي تڪڙي ڪلاس ۾ اندر گهڙي ۽ داديءَ جي ويجهو اچي چيائين، "دادي، هيءَ تصوير ته ڏسو. اڳئين ٻڪ رتي، جڏهن ڏينهن توهانجي منڊي گم ٿي ويئي هئي، مان جڏهن اسڪول مان گهر پئي ويس، تڏهن ڏٺم ته توهانجي ڪوٺيءَ جي دريءَ ٿي هڪ ڪانءُ ويٺو هو ۽ ڪيس چهنب ۾ منڊي هئي."

ڏاڏي، جنھن جي نظر گھٽ ھئي، تڏھن کيسي مان عينڪ ڪڍي پاتي، ۽ تصوير ڏسي چيائين، ”ھن ڪانو کي تہ منھنجي مڇي آھي. ڊالو بہ اھوئي لکيل اٿس.“

گوپي: ھا، ڏاڏي، ھاڻي سمجھي سگھو ٿا تہ مڇي ڪيئن ھيرل جي پنجريءَ ۾ ويٺي ھوندي. ڪانو توھان جي پنجريءَ مان چورائي وڃي ھيرل جي پنجريءَ ۾ اڇلائي آھي.

رتن، جنھن کان اھو وسري ويو تہ ڪو اسڪول ۾ ويٺو آھيان، تڏھن خوشيءَ مان وڏي واڪي چيو، ”شاباس! ھيرل بيگناھہ آھي. ھينئر ھنکي اسڪول مان نہ ڪڍبو.“

پر ڏينھن پوءِ چٽاڀيٽيءَ جو نتيجو ظاھر ٿيو. ڏاڏيءَ سڀ تصويرون ٻنھي جي اڳيان ميز تي رکي چيو، ”مون گوپيءَ کي انعام ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آھي. ھنجي تصوير نہ رڳو سٺي کان سٺي نڪتل آھي، پر ھنجي تصوير ئي اسانکي ھڪ ڏوھہ ڪرڻ کان بچايو آھي. بيگناھہ ھيرل کي اسين ڏوھي سمجھي اسڪول مان ڪڍي

رهيا هواسين. اهو بي انصافيءَ جو ڪم ٿئي ها. هن مورت هڪ اڪيل حقيقت ظاهر ڪئي آهي ۽ آن لاءِ ڪوبي ٿي جوابدار آهي. ڪوبيءَ انعام لاءِ تصوير پيش ڪئي ۽ هڪ ٻئي جو ڪم پڙهي ڪيو.

سڀ شاگرد ڏاڍا خوش ٿيا. هيرل جي خوشيءَ ۾ هن کان انعام نه کٽڻ جي ڳالهه ئي وسري وئي. ڪلاس مان ٻاهر نڪرڻ بعد مڙيئي ٻار هيرل وٽ ويا ۽ کيس واڌايون ڏنائون. شاگردن جي حب ڀري هلت ڏسي هيرل کي خوشي ٿي.

# جاڙا ڀائر.

تيرٿ ۽ ٿارو جيتوڻيڪ جاڙا ڀائر هوا ته به هنن جي چهري ۽ ڊيگهه ۾ تفاوت هو. قد ۾ تيرٿ ٿاري کان وڏو هو. تيرٿ اڪثر ٿاري کي چوندو هو، "مان جڏهن وڏي وڏو ٿيندس تڏهن تو کان ڏگهو به وڌيڪ لڳندس ۽ ڳاهوڪو به ڏسڻ ۾ ايندس، تون ننڍڙو ئي رهجي ويندين."

ڀاءُ جي اهڙن اکرن ڪري ٿارو غمگين ٿيندو هو ۽ ڏاڍو چاهيندو هو ته مان به وڏو ٿيان.

هڪڙي ڏينهن رامچند پنهنجي پٽ، تيرٿ کي جڏهن ڏيگهه جي ٻٽاڪ هڻندي ٻڌو، تڏهن چيائين، "ٿارا، فڪر نه ڪر. موسمي هڪ آهي ته ڏيگهه ۾ تون جلدي وڃي تيرٿ سان پهچندين."

ڪيترائي مهينا گذري ويا، مگر ٽيرٿ اڃا ٻه ڏاري کان ڏکو رهيو. نيٺ هڪڙي پيري عجب جهڙي ڳالهه ٿي. رامچند ڏٺن پنهنجي پٽن کي ٻٽ جي اوٽ ۾ ويهاري سندن ماپ ورتي، تنهن پٺيان ڏيکه ۾ هڪ جيڏا ٽڪري پيا.

ٽيرٿ: بابا، مان سمجهان ٿو ته ڏاري جي ٻوٽ جي ڪڙي ڏکيري آهي.


ڏارو: نه، نه: مان ٽڪرو ٽڪرو وڌندو ٿو رهان. آخر ته سڄاڻ ته تو کان به ڏکو ٿيندس.

رات جو ٽيرٿ کي ان خيال ۾ ننڊ ئي نه پئي اچي. ڏاڍا خار هئس جو ڏارو ڏيکه ۾ سندس جيڏو اچي ٿيو هو. گهر جي ٻين ٻارن کي ننڊ هئي. ٽيرٿ کٽ تان اٿي وڃي پنهنجو ٻوٽ ڪڍيو. پوءِ ٻوٽ جي ماپ ٿي پنن جا ٽڪرا ڪاٽي، پنهنجي پادرن ۾ ٻڌي ڇڏيائين. ٻوٽ کٽ جي پٺيان لڪائي پاڻ وڃي خوشيءَ وچان آرامي ٿيو. ٽيرٿ پاڻ کي چوڻ لڳو "سڀاڻي پاڻهي ڏاري جي خبر پوندي."

ٻارڙو سڀاڻ! پنهنجي ڏيئن پنهنجي پائرن کان وسري ويو ته ڪير ڏکو ۽ ڪير ٻڌو.

ان ڏينهن ڪوٽ ۾ ميلو هو. ڦرڙيون ۽ هوڏيال اچي ويا هوا. ٻنهي ڀائرن مان هرڪو کي ميلي تي وڃڻ لاءِ اٺ آنا مليا. ڏاڍا خوش ٿي لڳا. ٻئي سهڻي سڻڀري، نوان ڪپڙا پهري، هٿ هٿ ۾ ڏيئي روانا ٿيا. ميلي تي موج مان چڪر لڳايائون. ٽڪو ٽڪو ڏيئي هڪ دفعو ڦرڙيءَ تي چڙهيا. گهمندا ڦرندا هڪ ميدان ۾ اچي نڪتا. اُتي هڪ آدمي ٻن ڪاٺين جي وچ ۾ ڏاڪو ٻڌي بيٺو هو ۽ هي چيائين "ٻارو، اچو! جنهن جو مٿو برابر هن رسيءَ کي ڇهندو، تنهن کي اٺين آني وارو رانديڪو ملندو. هر ڪنهن ٻار کي ٻه ڀيرين ٽڪو ڏيئي پوءِ ان رسيءَ هيٺان بيهڻو هو."

تيرٿ جو وارو آيو. هو ٽڪو ڏيئي نوڙيءَ جي هيٺان بيهڻ لاءِ ويو. پر هو سڌو بيهي نه سگهيو، ڇاڪاڻ ته ڏگهو هو. پوءِ ڌاري پنهنجو نصيب آزمايو ۽ نوڙي برابر سندس مٿي کي لڳي. ڌاريءَ کي جهٽ هن هٿ ۾ هڪ سهڻو ڪاٺ جو رانديڪو مليو، تڏهن پرسان بيٺلن سڀني ٻارن ولي



ڏاڙيون وجايون. هي ٻ ڀيريون هارئي هو جنهنکي
انعام مليو هو.

جڏهن ٻئي ڀيرا گهر ۾ موٽيا، تڏهن تاري
ٽمرت کي چمڙ ڏط لاء چيو، "ڏگهي ٽيڙط مان اڄو
اهو نقصان اٿيئي. انعام به وڃائيندي."

ٽمرت مدهن ۾ کهڻي وجهي چيو، "بابا هو
ڪالهه چيو ته اسان ٻنهي جي ڏيکه ڪ جڏري
آهي."

هي ٻ ڀيريون ئي دفعو هو جو ٽمرت پنهنجي
ڏيکه تي غصي ٿي رهيو هو. گهر پهچي ٽيرت
جيئن پنهنجو بوٽ ٿي لاٿو، تيئن اهو خيال ٻڌ
ٻي ڪيائين ته گورو ئي ٻنهي وهجان ها ته ٻ ڪ
راند يڪو مليم ها. اجا بوٽ لاهي بس ڪيائين
ته ڇرڪ نڪري ويس. سندس نظر وڃي بوٽ
۾ اندر پيل ٻن جي ڏهي ٽي پيئي، جنهنجي
يادگيري وسري ويئي هيس. ڏاڍو پڇعائڙ لڳو.
۽ چيو، "اهي ٻنا بوٽ ۾ ته وجهان ها، ته ٻ ڪ
انعام کٽان ها. انهن سڀني جي ڪريئي ته مان
تاري کان ڏگهرو ٿي پيس."

اهي ٻڌا ٽيوٽ اکيئن رات انڌڪري ٿو ٿ
ڙ و ڏا هوا جڏهن ٻاڙ ٽاري کان ڊڪهو ڏسڻ ۾
اچي. هن ٽيرت سان ليکي ڪرڻ ٽي چاهي ٿو ان
مان نقصان ڪيس ٿي ٿيو ۽ ڏ ٽاري ڪي. ٽيرت
سبق سکيو. هن ٻاڙ سان انجام ڪيو ته اڳتي
ڪڏهن سان ٻه ليکي ڏ ڪندس.